# شان اولياء الله

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي اَنْعَمَ بِلُطْفِهِ عَلَي الصَّالِحِيْنَ * وَخَلَعَ عَلَيهِمْ خُلَعَ الْاِيمَانِ وَالْيَقِينِ * وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلىٰ حَبِيْبِهِ وَصَفِيّهِ وَنَبِيّهِ الْاَمِينِ اَمَّا بَعْدُ : فَاَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطَانِ الرَّجِيمِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيمِ اَللهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخْرِجُهُمْ مِنْ الظُّلُمَاتِ اِلىٰ النُّورِ (اَلْبَقَرَة : 257)

درود پڙهو : اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

آگي كيا اکِّهين نسوروئي نور
اَلَا اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللهِ لاَ خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلاَ هُمْ يَحْزَنُونَ
سچن كونهي سور
مولي كيو معمور انگ ازل ۾ ان جو.

**دوستانِ محترم!** الله جي پاڪ ڪلام قرآنِ مجيد فرقانِ حميد جي سورة بقرة مان ڪجهہ الفاظ مون اوهان اڳيان تلاوت ڪيا آهن. انهن لفظن ۾ الله پاڪ پنهنجي دوستن جو شان بيان فرمايو آهي تہ :

اللَّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا : الله دوست آهي ايمان وارن جو.

يُخْرِجُهُمْ مِنْ الظُّلُمَاتِ اِلىٰ النُّورِ انهن كي اونداهين مان روشني طرف ڪڍي ٿو.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوا اَوْلِيَاؤُهُمْ الطَّاغُوتُ يُخْرِجُونَهُمْ مِنْ النُّورِ اِلىٰ



الظُّلُمَاتِ اُوْلَئِكَ اَصْحَابُ النَّارِ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ( البقرة : 257 )

۽ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو انهن جا دوست شيطان آهن جيڪي انهن کي روشنين مان اونداهين طرف ڪڍندا آهن. اهي جهنمي آهن جيڪي ان جهنم ۾ هميشه رهڻ وارا آهن.

هن آيت پاڪ ۾ الله رب العالمين فرمايو. الله مؤمنن جو ولي آهي .

تفسير قرطبي ۾ آهي تہ: ولي فعيل جي وزن تي بمعنيٰ فاعل آهي. خطابي چيو تہ : اَلْوَلِيُّ اَلنَّاصِرُ يَنْصُرُ عِبَادِهِ الْمُؤْمِنِيْنَ .

ولي جي معنيٰ آهي مددگار الله پنهنجي مؤمنن جو مددگار آهي .

جيڪو پنهنجي مؤمنن ٻانهن کي اونداهين مان ڪڍي روشني طرف آڻي ٿو حضرت قتادہ فرمايو تہ ظُلُمٰتِ مان مراد گمراهي آهي ۽ نور مان مراد هدايت آهي. (تفسير القرطبي ج 2ص )

اللَّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا جي تفسير ۾ تفسير روح البيان واري لکيو آهي

اللَّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا اَيْ مُحِبُّهُمْ وَ مُعِيْنُهُمْ اَوْ مُتَوَلِّي اُمُوْرِهِمْ لاَ يُكِلُهُمْ اِلَيٰ غَيْرِهِ (روح البيان ج 1 ص 408)

ولي جي معنيٰ آهي تہ الله انهن سان محبت رکڻ وارو آهي انهن جو مددگار آهي يا انهن جي ڪمن جو سنڀاليندڙ آهي جيڪو انهن کي پاڻ کان سواءِ ٻئي جي حوالي نہ ٿو ڪري.ٻي آيت ۾ رب فرمايو تہ:

وَاللَّهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِينَ ۽ الله مؤمنن جو دوست آهي. (آل عمران: 68)

درود پڙهو : اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

اِنَّ الظَّالِمِينَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَاءُ بَعْضٍ وَاللَّهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِينَ (الجاثية :19)

بي شڪ ظالم هڪ ٻئي جا دوست آهن ۽ الله پرهيزگارن جو دوست آهي.

سورة يونس ۾ رب فرمايو تہ:

**اَلَا اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ** (يونس: 62)

خبردار بيشڪ جيڪي الله جا دوست انهن تي نہ ڪو خوف آهي نہ اهي ڏکارا ٿيندا.

اولياء الله يعني الله جا دوست . هن آيت ۾ دوست جي نسبت ٻانهن ڏانهن آهي. مٿين آيتن ۾ دوستي جي نسبت الله ڏانهن آهي .

الله دوست آهي مؤمنن جو ۽ مؤمن دوست آهن الله جا. دوستي جو تعلق ٻہ طرفو آهي. ڇو تہ دوستي ٿيندي بہ تڏهن آهي جڏهن ٻنهين طرفن کان دوستي هجي.

**پيارا پائرو!** سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڪھڙا نہ اهي خوشنصيب آهن جيڪي الله جا دوست آهن. مالڪ الملڪ رب العالمين احڪم الحاڪمين جن سان دوستي رکي واقعي انهن جو وڏو شان ۽ مان آهي.

الله جي دوستن جي دنيا ۾ بہ عزت آهي ديسن پرديسن ۾ جتي وڃن الله انهن جي عزت وڌائي ٿو. پر اهي قبر ۾ وڃي آرامي ٿين تہ انهن جي مٽي بہ مان لهي ٿي .

ساري رات جاڳي جن پڙهي سبحان،
انهن جو عبداللطيف ڇئي مٽيءَ لڌو مان،
ڪَ وڙئين ڪن سلام اچيو آتڻ ان جي.

پر جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ بہ اهي ٻانها عزت ۽ شان وارا ٿي اٿندا. رب ڪريم فرمايو تہ : **لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ**

نہ انهن کي خوف آهي نہ ڏکارا ٿيندا. تفسير روح البيان فرمايو تہ:

**اَلْخَوفُ عَلَيٰ الْمُتَوَقِّعِ وَالْحُزْنُ عَلَيٰ الْوَاقِعِ** (روح البيان: ج: 1 ص115 )



خوف ٿيندو آهي ايندڙ واقعي جو ۽ غم ٿيندو آهي گذريل واقعي جو.

الله وارن کي نہ گذريل واقعي جو ڏک هوندو آهي نہ وري ايندڙ واقعي جي ڪا ڳڻتي هوندي آهي . الله پنهنجي دوستن کان سڀ غم ، الم ۽ دک دور ڪري ڇڏيندو آهي.

**مسلمان پائرو!** سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ولي آهن ڪير؟

ٻڌو ولي اهو آهي جيڪو فرائض جي ادائگي جو فڪر رکي ۽ نفلن سان نينهن رکي. الله جا امر مڃي نبيءَ ﷺ جي سنت تي عمل ڪري. جنهن جي دل معرفت جي نور سان منور هجي . ڏسي تہ الله جون نشانيون ڏسي. ٻڌي تہ الله جون آيتون ٻڌي سمهي تہ الله جي ذڪر سان . جاڳي تہ آخرت جي فڪر سان . هلي تہ خشيت سان ، ڳالهائي تہ تدبر سان . ڪائي تہ الله جي رضا لاءِ . اعتقاد اهل سنت وارو رکي .اعمالِ صالحہ شريعت ۽ سنت تي پائبندي سان عمل ڪري . نيڪين جو امر ڪري برائين کان منع ڪري . پنهنجي مالڪ ڪريم کان سواءِ ماڻهن ۾ لوڀ ۽ لالچ نہ رکي . عبادت ۾ سستي نہ ڪري. پنهنجي علم عمل ۽ عبادت تي ناز نہ ڪري بلڪ نيازمندي ۽ انڪساري جي عادت بنائي. خلقت سان شفقت ۽ عنايت مروت ۽ محبت سان پيش اچي. دل جي اک سان محبوب جي حسن بي مثال جا جلوا تڪي .گناهن کان پاڻُ بچائي .

ولي جڏهن انهن اوصاف سان سينگارجي وڃي ٿو تہ الله ان جو حامي ۽ ناصر معين ۽ مددگار ٿي وڃي ٿو. ان جي رڳ رڳ نس نس محبوب حقيقي جي محبت ۾ پرپور ٿي وڃي ٿي . پوءِ الله ان جا درد ۽ الم رنج ۽ غم ڪل دور ڪري ٿو. هاڻي ان جي دل ۾ نہ ڪو خوف رهي ٿو تہ خطرو نہ ماضي جو غم نہ مستقبل جو خوف .

ان لاءِ دنيا ۾ نيڪ نامي آخرت ۾ ڪامراني آهي. هاڻي الله جي رحمت ان

جي قريب ٿي وڃي ٿي. اِنَّ رَحْمَةَ اللهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ

بي شڪ الله جي رحمت نيڪي ڪندڙن جي قريب آهي .

هاڻي ان جون دعائون مقبول ٿين ٿيون . اهو اگر هٿ کڻي ٿو ته الله ان جا هٿ خالي نہ ٿو موٽائي. ان جي گفتار رب جي تلوار بنجي پوي ٿي. بزرگن فرمايو آهي ته :

لِسَانُ الْفُقَرَاءِ سَيْفُ الرَّحْمَانِ

فقيرن جي زبان رحمان جي تلوار آهي.

اهو نيڻ کڻي ٿو ته تقديرون تبديل ٿي وڃن ٿيون .

نگاہِ ولی میں یہ ماثیر دیکھی
بدلتی ہر اروں کی تقدیر دیکھی

درود پڙهو : اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

حضرت ذالنون مصري رحمت الله عليہ فرمايو آهي ته : الله ڪريم جنهن کي پنهنجو دوست بنائيندو آهي ان کي چار انعام عطا ڪندو آهي.

**پهريون** : عزت بغير خاندان جي. **ٻيون** : شاهوڪاري بنا مال جي .

**ٽيون** : علم بنا طلب جي . **چوٿون** : اُنس بغير جماعت جي .

اها الله جي ذات آهي جنهن کي چاهي عطا ڪري. پر جيڪو الله جي راهہ ۾ ڪوشش ڪندو آهي الله ان جي محنت ضايع ڪونہ ڪندو آهي. رب العامين فرمايو ته :

وَالَّذِينَ جَاهَدُوا فِينَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا وَ اِنَّ اللَّهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِينَ

اهي ماڻهو جيڪي اسان جي لاءِ مجاهدو ڪن ٿا ته اسان بہ پنهنجون راهون انهن کي ڏيکاريون ٿا ۽ بيشڪ الله نيڪي ڪرڻ وارن سان گڏ آهي. (اَلْعَنْكَبُوتُ: 69)

هن آيت پاڪ ۾ ٻن ڳالهين جو ذڪر آهي. هڪ مجاهدو ٻيو مشاهدو. جو



جيترو مجاهدو ڪندو ان کي اوترو مشاهدو نصيب ٿيندو.

پوءِ اهو ڪهڙي بہ ذات جو هجي ڪهڙي بہ قوم قبيلي جو هجي.

**ذات تي نا هي ذات جو وهي سو لهي .**

پٽ ڌڻي بادشاهہ بہ فرمايو ته :

راڻي وٽان رات نئون نياپو آئيو
لڌي سين لطيف چئي ڏاتر وٽان ڏات
ڪو نہ پڇي ٿو ذات جيڪي آيا سي اگهي ويا

**هڪ شخص** کي بادشاهہ هارون رشيد قيد ۾ وجهايو. ٻئي ڏينهن ڏسن ته باغ ۾ گهمي رهيو آهي. هارون رشيد گهرائي پڇيس ته توکي باغ ۾ ڪنهن پهچايو؟ چيائين جنهن قيد مان ڪڍايو. چيائين پلا تو کي قيد مان ڪنهن ڪڍايو؟ چيائين جنهن باغ ۾ پڄايو. پوءِ بادشاهہ حڪم ڪيو ته هن کي عمدا لباس پهرائي گهوڙي تي سوار ڪري بغداد ۾ گهمايو ۽ اعلان ڪيو ته هي اهو ماڻهو آهي جنهن کي هارون رشيد خوار ڪرڻ پي چاهيو پر الله هن کي عزت وارو بنايو آهي.

درود پڙهو : اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**پيارا دوستو!** صحيح بخاري ۾ حديث قدسي آهي رب العالمين فرمايو ته:

مَنْ عَادَىٰ لِي وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ

جهنن منهنجي دوست سان دشمني رکي ان لاءِ منهنجي طرفان جنگ جو اعلان آهي .

الله وارن سان دشمني رکڻ واري لاءِ الله پاڻ جنگ جو اعلان ڪري ٿو . پوءِ جيڪو مالڪ الملڪ سان جنگ ڪندو سو ڪڏهن ڪو نہ کٽيندو.

درود پڙهو : اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**هڪ دُرويش** رستي سان وڃي رهيو هيو ته سامهون کي بہ يار پاڻ ۾ گڏ

اچي رهيا هئا. رستي ۾ مينهن سبب گپ ۽ گارو هيو، فقير جي پيرن مان گپ اٿي ان ماڻهو کي لڳي تہ ان جي يار فقير کي سخت ڳالهايو. فقير ان کي ڪجهہ ڪو نہ چيو. صرف منهن مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهاريائين تہ اهو يار ترڪي ڪريو ۽ ڳاٽو ڀڄي پيس. ڪنهن ماڻهو فقير کي چيو تہ اوهان ان کي ڦِٽيو آهي. فقير فرمايو مون ڦٽيو نہ آهي پر يارن جي ٻاران يار ڊِ ڙندا آهن. هن جي ڪپڙن کي گپ لڳي تہ ان جي يار مون کي گهٽ وڌ ڳالهايو منهنجي يار کي ڪاوڙ آئي آهي ان هن جو ڳاٽو ڀڳو آهي.

چو خدا خواهد کہ پردہ کس دَرد
ميلش اندر طعنہءِ پاکاں بَرد

الله ڪنهن کي خوار ڪرڻ چاهيندو آهي تہ ان جي دل ۾ پوندو آهي تہ اهو الله وارن جي شان ۾ بي ادبي ڪري.

حب درويشاں کليد جنت است
دشمنِ ايشاں سزاءِ لعنت است

درويشن جي محبت جنت جي ڪنجي سندن دشمن لعنت جو حقدار آهي.

الله جو قرب ۽ وصال ۽ ڪمال ڪيئن نصيب ٿيندو؟ ولايت ۽ بزرگي ڪئين ملندي بخاري جي ان ساڳي حديث ۾ ربِ ذُوالجلال فرمايو تہ:

**وَمَا تَقَرَّبَ اِلَيَّ عَبْدِيْ بِشَيْءٍ اَحَبَّ اِلَيَّ مِمَّا افْتَرَضْتُ عَلَيْهِ**

نہ ٿو ويجهو ٿئي منهنجو ٻانهو مون کي ڪنهن اهڙي شيءِ سان جا وڌيڪ پياري هجي مون کي انهن شين کان جي مون ان تي فرض ڪيون آهن. يعني ڪو عمل ٻانهي کي الله جي ايترو ويجهو نہ ٿو ڪري جيترو مقرر ڪيل فرضي عبادتون ويجهو ڪن ٿيون.

**وَمَا يَزَالُ عَبْدِي يَتقَرَّبُ اِلَيَّ بِالنَّوَافِلِ حَتَّىٰ اُحِبَّهُ**



۽ هميشه ٻانهو نفل پڙهندي منهنجي قريب ٿيندو رهي ٿو ايستائين جو مان ان سان محبت رکان ٿو.

**دوستو!** غور سان ٻڌو ولايت ۽ بزرگي الله جو قرب ۽ وصال ڪيئن ٿا ملن ؟ ڀنگن ۽ چرسن پيئڻ سان يا ظلمن ۽ گناهن سان هرگز ڪوبہ الله جو ولي ڪو نہ ٿو ٿي سگهي. الله جو دوست اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو الله جي مقرر ڪيل فرضن ۽ نفلن کي هميشه ادا ڪندو رهي.

بغير شريعت جي طريقت جو وجود ناهي.

**حضرت امام رباني** مجدد منور الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهُ العزيز فرمايو تہ: طريقت، شريعت جي تابع ۽ خادم آهي. ڪمالات شريعت احوال و مشاهدات طريقت تي مقدم آهن. هڪ شرعي حڪم تي عمل ڪرڻ هزار سالن جي رياضت کان وڌيڪ نفعو ڏيندڙ آهي. سنت جي تابعداري ۾ منجهند جي ٿوري دير جي ننڊ ساري رات جي جاڳڻ کان افضل آهي.

سبحان الله! الله وارن ٻڌايو تہ اول شريعت تي عمل آهي پوءِ طريقت جي ڳالهہ. پٽ ڌڻي فرمايو تہ:

ساري سبق سک شريعت جو سهڻي
طريقتان تکو وهي حقيقت جو حق
معرفت مرڪ اصل عاشقن جو

**دوستو!** محبوب عربي ﷺ جي شريعت سڀ شيءِ کان مُقدم آهي جيڪو شريعت جا ليڪا لتاڙي الله جون مقرر ڪيل حدون اورانگهي بي حيائي جا ڪم ڪري اهو ڪڏهن بہ ولي نہ ٿو ٿي سگهي.

حضرت مولاءِ روم فرمايو تہ:

کار شيطاں مي کند نامش ولي گر ولي اين است لعنت بر ولي

ڪم ڪري شيطان جا سڏائي پاڻ کي ولي. اگر اهو ولي آهي تہ اهڙي

شيطان جي پيروڪار تي لعنت هجي.

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

**پيارو!** ٻانها تہ سڀ الله جا ٻانها آهن الله پنهنجي ٻانهن مان اگر ڪنهن کي پنهنجو دوست بنائيندو آهي تہ چونڊي پسند ڪري دوست بنائيندو آهي . پوءِ جنهن کي پنهنجو دوست بنائيندو آهي انهن ۾ گڻ ۽ اخلاق بہ اهڙا اعليٰ رکائيندو آهي.

الله جا دوست ڪڏهن گناهن ۽ ميراين جا ليڪا منهن تي نہ لائيندا آهن. ڪڏهن دنيا جي گند ۽ غلاظت کي دل ۾ ڪو نہ آڻيندا آهن اهي ڪڏهن غير ڏانهن ميري اک ڪري ڪونہ نهاريندا آهن پٺائي انهن جا اهڃاڻ ڏيندي فرمايو تہ:

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي موهيا ڪنهن نہ مال
سوڍيون سجائي هليا هي تني جي حال
جي چورين ڏنا چال تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا

---

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي موهيا نہ محلن
ٻانهين ۽ ٻاين جي ٻڌن ڪين ٻجهن
لکين لاهوتين اهڙيون اوري چڙيون

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

**دوستو!** ڪشف ۽ ڪرامتون بہ ولايت جو شرط نہ آهن. ولايت جو شرط آهي تقويٰ پرهيزگاري شريعت جي تابعداري سهڻا ۽ سٺا عمل ڪرڻ. پوءِ الله ڪريم پنهنجي دوستن جي عزت ۽ مان وڌائڻ لاءِ ماڻهن کي انهن جي عظمت ۽ الله وٽ پهچ ڏيکارڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي هٿان نہ ٿيڻ جهڙيون ڳالهيون خلاف عادت ڪم بہ ڪرائيندو آهي . پر اهي ولايت



جو شرط نہ آهن.

**ڪرامت ڇا آهي؟** غور سان ٻڌو الله جو جوڙيل قانون آهي تہ دنيا جا سڀ ڪم حسبِ عادت ۽ دستور مطابق ٿي رهيا آهن. اگر ڪو ڪم ان دستور ۽ قانون جي خلاف ظاهر ٿئي تہ ان کي خرقِ عادت چوندا آهن . مثلاً باهہ حسب عادت ساڙيندي ۽ جلائيندي آهي، پر اگر باهہ باغ ٿي پوي ۽ نہ ساڙي تہ ان کي خرق عادت چئبو آهي.آڱر مان رت نڪرڻ حسبِ عادت آهي آڱر مان پاڻيءَ جي نهر وهڻ خرقِ عادت آهي . پاڻيءَ تي پير رکڻ سان پير ٻڏڻ حسب عادت آهي پاڻيءَ مٿان سڪي وانگر هلڻ خرق عادت آهي . ان طرح ٻڌل ٻيڙو سالن بعد سلامت نڪرڻ ، مردن جو جيئرو ٿيڻ ، ڳوهہ جو ڳالهائڻ ، پٿر پاڻي مٿان ترڻ ، چنڊ چيرجڻ ، لٿل سج واپس ورڻ . اهي سڀ ڪم خرق عادت آهن. خرق عادت جا ست قسم هوندا آهن.

(1) **معجزو** اهڙو خرقِ عادت ڪم جيڪو ڪنهن نبيءَ کان ظاهر ٿئي تہ ان کي معجزو چئبو آهي .

(2) **ڪرامت** : اهڙو خرقِ عادت ڪم اگر ڪنهن الله واري کان ظاهر ٿئي تہ ان کي ڪرامت چئبو آهي .

(3) **مَعُونَت** : اهڙا مؤمن جيڪي نہ عابد زاهد هجن نہ وري گنهگار فاسق هجن انهن کان ڪو اهڙو عجيب ڪم ظاهر ٿئي تہ ان کي معونت چئبو آهي.

(4) **ارهاص**: ڪنهن پيغمبر جي نبوت جي اظهار کان اڳ ان کان ڪو اهڙو ڪم ظاهر ٿئي تہ ان کي ارهاض چوندا آهن.

(5) **استدراج**: ڪڏهن ڪنهن فاسق بدڪار بي نماز، چور، زاني ماڻهو کان بہ اهڙا ڪم ظاهر ٿي پوندا آهن تہ ان کي استدراج شيطاني سڏبو آهي.

(6) **اهانت**: ڪنهن ڪافر فاسق يا ڪنهن ڪوڙي نبوت جي دعويدار کان ڪو اهڙو ڪم ظاهر ٿئي جنهن سان اٿلندو ان جي خواري ٿئي تہ ان کي

اهانت چوندا آهن. جيئن مسيلمہ ڪذاب جنهن پاڻ کي نبي سڏايو هيو، ان هڪ ٽيڏي کي چيو تہ اچ تہ تنهنجون اکيون سڌيون ڪيان هٿ لاتائين تہ اهو انڌو ٿي پيو.

(7) **سحر يا جادو:** اهو شرير نفس کان شيطان ذريعي ظاهر ٿيندو آهي.

**دوستو!** پيغمبرن جا معجزا بہ برحق آهن تہ ولين جون ڪرامتون بہ برحق آهن. الله پنهنجي ٻانهن کان اهڙا عجيب ڪم ظاهر ڪرائيندو آهي جو دنيا دنگ رهجي ويندي آهي منافقَ ڪرامتن جو انڪار ڪندا آهن پر ڪرامتن ڏسڻ سان مؤمنن جي ايمان ۾ تازگي ايندي آهي. الله پاڪ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ بيبي مريم جي ڪرامت بيان ڪندي فرمايو تہ:

**كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا**

**قَالَ يَامَرْيَمُ اَنَّىٰ لَكِ هَذَا قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللَّهِ** (آل عمران:37)

جڏهن زڪريا ان وٽ محراب ۾ ويندو هيو تہ ان وٽ نئون رزق ڏسندو هيو چيائين اي مريم هي تو وٽ ڪٿان آيو؟ چيائين هي الله جي طرفان آهي. الله جي صالحه وليه ڪاملہ ٻانهي بي بي مريم جو هڪ محراب هيو ان ۾ ويهي الله جي عبادت ۽ بندگي ڪندي هئي.

**محراب ڇا آهي؟** **اَلْمِحْرَابُ فِي اللُّغَةِ اَكْرَمُ مَوْضِعٍ فِي الْمَجْلِسِ**

محراب عربي ٻولي ۾ عزت واري جاءِ کي چئبو آهي.

محراب حرب مان ورتل آهي. محراب جي معنيٰ جنگ جي جاءِ ڇو تہ اتي نفس ۽ شيطان سان جنگ ٿئي ٿي ان ڪري ان کي محراب چئبو آهي. حضرت بي بي مريم حضرت زڪريا عليہ السلام وٽ پلجي رهي هئي حضرت زڪريا سندس ماسي جو مڙس هيو.

ڪن چيو تہ سندس ڀيڻ جو مڙس هيو. پاڻ ان جي گهر ۾ پلجي رهي



هئي. پوءِ حضرت زڪريا جيڏي مهل بہ بيبي سائڻ جي محراب ۾ ايندو هيو تہ وٽس اڻ مندائتا ميوا ڏسندو هيو.

حضرت مجاهد عڪرمہ نخعي ۽ ضحاڪ فرمايو تہ:

**وَجَدَ عِنْدَهَا فَاكِهَةَ الصَّيْفِ فِي الشِّتَاءِ وَفَاكِهَةَ الشِّتَاءِ فِي الصَّيْفِ**

ان وٽ اونهاري جا ميوا سياري ۾ ۽ سياري جا ميوا اونهاري ۾ ڏسندو هيو. پوءِ پڇڻ لڳو تہ اي مريم هي ميوا ڪٿان آيا؟ چيائين اهي الله وٽان آيا آهن. جنهن ميوي جي نہ مند آهي نہ موسم ، نہ وڻن ۾ انب نہ انگور پر سائڻ وٽ سڀ ڪجهہ موجود. معلوم ٿيو تہ الله کي ياد ڪرڻ وارا اگر ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪي وڃي ويهندا آهن تہ الله انهن ڏانهن اتي بہ اڻ مندا ميوا موڪليندو آهي.

ان آيت جي تفسير ۾ تفسير ابن ڪثير ۾ مسند ابو يعليٰ جي حوالي سان روايت آهي تہ حضرت جابر رضي الله عنه چيو تہ هڪ وقت اهڙو آيو جو مدني تاجدار ﷺ جي گهر ۾ ڪو طعام تيار نہ ٿيو. ڪيترا ڏينهن گذري ويا. پاڻ پنهنجي سڀ گهر وارين جي حجرن ۾ آيا پر ڪٿي ڪا کاڌي جي چيز موجود نہ هئي. پاڻ سيده فاطمہ جي گهر آيا. فرمايائون اي منهنجي نياڻي ڪا کاڌي جي شيءِ آهي؟ عرض ڪيائين بابا سائين اڄ ڪا بہ چيز کاڌي جي گهر ۾ موجود نہ آهي. پاڻ واپس موٽيا تہ سائڻ جي هڪ پاڙيسرڻ ٻوهيل اٽي جا بہ پيڙا ۽ گوشت جو ٽڪرو سائڻ ڏانهن ڪٽي آئي. بي بي سائڻ اهي هڪ پيالي ۾ رکيا ۽ چيائين توڙي جو آءُ پاڻ ۽ منهنجا ٻچا سڀ بکارا آهن پر اڄ آءُ رسول ﷺ واسطي ايثار ڪنديس. پوءِ پاڻ امام حسن کي يا امام حسين کي رسول الله ﷺ ڏانهن موڪليائين. پاڻ ڪريم آيا.

سائڻ عرض ڪيو تہ جو ڪجهہ الله موڪليو آهي مون اوهان لاءِ رکيو

آهي . پاڻ فرمايائون اي نياڻي پيش ڪر. سائڻ جڏهن ان پيالي جو ڍڪ لاٿو تہ اهو سارو ماني ۽ گوشت سان پرپور هيو. جڏهن سائڻ ڏٺو تہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ سوچيائين تہ هي سڀ برڪت الله پاران آهي.

الله جو حمد ۽ نبي تي صلوات پڙهي اهو برتن محبوبن ڪريمن اڳيان پيش ڪيائين پاڻ جڏهن ڏٺائون الحمد لله چيائون. پوءِ فرمايائون تہ : اي نياڻي هي ڪٿان آيو؟ عرض ڪيائين بابا سائين هي سڀ الله وٽان آهي. الله جنهن کي چاهي اڻ ڳڻيو رزق عطا فرمائي. پوءِ پاڻ ڪريمن الله جو حمد پڙهندي چيو تہ الله جو شڪر آهي جنهن اي نياڻي توکي بني اسرائيل جي عورتن جِي سردارِ وانگر بنايو آهي ان کي بہ جڏهن الله وٽان رزق ملندو هيو ۽ ڪو پڇندو هيس تہ چوندي هئي تہ هي الله وٽان آهي . بي شڪ الله جنهن کي چاهي اڻ ڳڻيو رزق عطا فرمائي . پوءِ پاڻ ڪريمن حضرت علي کي گهرايو.

**ثُمَّ اَكَلَ رَسُولُ اللهِ ﷺ وَاَكَلَ عَلِيٌّ وَفَاطِمَةُ وَحَسَنٌ وَحُسَيْنٌ وَجَمِيْعُ اَزْوَاجِ النَّبِيِّ وَاَهْلُ بَيْتِهِ حَتَّيٰ شَبِعُوا جَمِيْعًا**

پوءِ رسول الله ﷺ کاڌو حضرت علي فاطمه حسن حسين ۽ نبي جي سڀ گهر وارين ۽ سڀ اهل بيتن رج ڪري کاڌو. **وَبَقِيَتْ جُفْنَةٌ كَمَا هِيَ** پر اهو ٿانؤ ايئين ئي پرپور هيو جيئن اڳ هيو. سيده سائڻ اها اوبر پوري پاڙي وارن کي ورهائي ڏني الله ان ۾ وڏي برڪت ۽ خير ڪثير ڪري ڇڏيو.

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

**دوستان گرامي !** حضرت سيدنا زڪريا عليه السلام بي بي مريم جي اها اڻ مندن ميون واري ڪرامت ڏٺي.

پاڻ ان وقت تمام پيرسن ٿي چڪا هئا . سندن وار مبارڪ بلڪل سفيد



هئا ۽ سندن گهر واري بہ جهور پوڙهي ٿي چڪي هئي ٻارن ڄمڻ جي موسم نہ رهي هئي . حضرت زڪريا ان وقت رب کي سوال ڪيو تہ ڪيس اڻ مندو پٽ عطا ڪري.

**هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهُ قَالَ رَبِّ هَبْ لِي مِنْ لَدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً اِنَّكَ سَمِيعُ الدُّعَاءِ** (آل عمران : 38)

ان وقت زڪريا پنهنجي پالڻهار کان دعا گهري تہ اي پالڻهار مون کي پاڻ وٽان پاڪيزه اولاد عطا ڪر بيشڪ تون دعائون ٻڌندڙ آهين.

**هُنَالِكَ** ظرف آهي ، جيڪو زمان لاءِ بہ ۽ مڪان لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي. ان وقت ان جاءِ تي يعني بيبي مريم جي محراب ۾ حضرت زڪريا بہ الله کان پٽ لاءِ دعا گهري.

اُها الله جي وليہ ٻانهي جي عبادت جي جاءِ ، جتي ڪرامتن جو ظهور ٿي رهيو هيو ان جاءِ تي الله جي پاڪ پيغمبر دعا گهري . ان ۾ هي سبق آهي تہ الله وارن جي آستانن ۽ انهن جي عبادت جي جاين انهن جي دربارن تي وڃي دعا گهرڻ سان دعا جلد قبول پوي ٿي. اتي وڃي دعا گهرڻ نہ بدعت آهي نہ غير شرعي ڪم آهي .

ٻي هيءَ ڳالهہ بہ معلوم ٿي تہ اولاد جي طلب ڪرڻ نبين جي سنت آهي چو تہ صالح اولاد بہ هڪ نعمت آهي.حضرت زڪريا بہ وليه ٻانهي جي محراب ۾ دعا گهري اڃا مس دنگ ڪئي تہ الله پاڪ کيس دعا جي قبولت ۽ پٽ ڄمڻ جي مبارڪ ڏني. معلوم ٿيو تہ الله وارن جي آستانن تي گهريل دعائون قبول ٿين ٿيون .الله ڪريم شال اسان کي الله وارن جي الفت ۽ عقيدت عطا فرمائي آمين .

**وَمَاعَلَيْنَا اِلاَّ الْبَلاَغُ الْمُبِين**